SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2003

SINDH ORDINANCE NO.I OF 2003

سنڌ (ڪنهن بہ زمين مان معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) آرڊيننس، 2003

THE SINDH (PROHIBITION OF TAKING MINERALS INCLUDING RETI (SAND) AND BAJRI FROM ANY LAND) ORDINANCE, 2003

فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2.وصفون
Definitions
3.معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ لاءِ رجسٽريشن
Registration on taking minerals' including
4.سزا
Punishment
5.ازالو

Cognizance

6.چوٹ

Indemnity

7.قاعدا

Rules

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2003

SINDH ORDINANCE NO.I OF 2003

سنڌ (ڪنهن بہ زمين مان معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) آرڊيننس، 2003

THE SINDH (PROHIBITION OF TAKING MINERALS INCLUDING RETI (SAND) AND BAJRI FROM ANY LAND) ORDINANCE, 2003

[10 مئي 2003]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪنهن بہ زمين مان کوٽائي يا بي صورت ۾ سنڌ صوبي ۾ معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪنهن بہ زمين مان کوٽائي يا بي صورت ۾ سنڌ صوبي ۾ معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي لاڳو ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن

لاءِ قدم کٹڻ ضروري ٿي پيو آهي،

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري قدم کٹڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن کري، اسلامي جمهوري پاکستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال کندي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ کرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ جي کنهن به زمين مان معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري کٹڻ تي پابندي آرڊيننس، 2003 سڏيو ويندو.

(2)هيءُ في الفور نافذالعمل ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين کجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "حکومت" مطلب سنڌ حکومت؛

(b)"زمين" مطلب پاڻي جي هينيان زمين ۽ زمين جي زير زمين شامل آهي؛ ۽

(c) "قاعدا" مطلب هن ايکٹ تحت جوڙيل قاعدا.

معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري کٹڻ لاءِ رجسٹريشن
Registration on

3.سواءِ حکومت جي اڳواٽ اجازت جي يا کنهن به اٿارٽي يا آفيسر جي، ان حوالي سان بااختيار کو به ماڻهو کنهن به زمين مان کوٽائي يا ٻي صورت ۾ معدنيات سميت ريتي

(واري) ۾ بجري نہ ڪڍندو.

taking mierals including

سزا
Punishment

4.جيڪو بہ هن ايڪٽ جي ڪنهن بہ شقن جي خلاف ورزي ڪندو ان کي ڪنوينشن تي سزا ڏني ويندي.

(a) پهرين سزا جي صورت ۾ قيد جيڪا ٽن مهينن تائين ٿي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ ڏهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هجي.

(b) بعد ۾ ڪنهن بہ سزا جي صورت ۾ قيد جي سزا جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ ويهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هجي.

ازالو
Cognizance

5.ڪا بہ عدالت هن آرڊيننس تحت ڪنهن بہ ڏوهہ جو نوٽيس نہ وٺندي، سواءِ حڪومت طرفان اختيار ڪيل آفيسر جي لکت شڪايت جي.

چوٽ
Indemnity

6.ڪنهن بہ شخص طرفان هن آرڊيننس تحت نيڪ نيتي سان ڪجهہ ڪرڻ يا ڪرڻ جي ارادي تي سندس خلاف ڪو بہ مقدمو يا ٻي قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي.

قاعدا
Rules

7.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪري سگهي ٿي تہ هن آرڊيننس جي مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ ضابطا ٺاهيا وڃن.

نوٽ:آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.